1. ڊاڪٽر روشن گولاٽي[1]

# سدا حيات شاعر اِندر ڀوڄواڻي جي شاعريءَ جو اڀياس

# اڙي ويچارو رام ! اجا تہ پيو ٻنَ ۾ رُلي ! (تنها)

# Study of Ever Green Poet Indar Bhoojwani's Poetry


## *Abstract*

*Sindhi poet Indar Bhojwani have different diction. He has new thinking and new topics in his poetry. He invented the form of the poetry 'Tanha' (Alone) he used very impressive language in his poetry. He dipct the social condition of the society. The feelings of human in different conditions are very clear in the poetry of Indar. In this paper we analysis the different aspects of poetry of Indar Bhojwani, that we may clear the importance and uniqueness of this poet.*


"تنها" صنف جو ايجاد ڪندڙ سدا حيات سدا بهار شاعر شري اِندر ڀوڄواڻي، نامڪئين شاعرن مان هڪ هو پر ٻين ڪوين کان بلڪل نرالو ٻڻجي پنهنجي شاعريءَ جي شِهرهہ تي قدم ڌريو. سندس شاعريءَ جي هاڪ ۽ ڌاڪ، سنڌ ۽ هند ۾ اڄ جيان ڦهلي هئي. غربت کي گلزار بڻائي، شاعريءَ کي شهبازُ بڻائي هن ترقيءَ جي راهہ تي قدم وڌايو تہ پُٺتي مڙڪ ڪين نهاريو ۽ وڃي پنهنجي منزل تي رسيو.

اِندر ڀوڄواڻيءَ لاءِ فخر جي ڳالهہ اها آهي جو ڀارت جا ٻہ برک ساهتيڪار سروَ شري هريش واسواڻي ۽ هيرو شيوڪاڻي سندس ساهتيہ ۾ شِشَ هئا. اِندر ڀوڄواڻي جهونا ڳڙهہ جي ننڍڙي نگر بانٽوا ۾ رهندڙ هو ۽ اُتان جي سنڌي هاءِ اسڪول ۾ شڪشڪ طور شيوائون ڏنائين، پر ان کان اڳ مسڪينيءَ کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ٻيڙيون ٻڌي، بنڊل ٺاهي دُڪانن تي وڪڻندو هو. اِندر محنتڪش ۽ پُر شارٿي هو. هِنَ وقت جو ٻڙودا ۾ رهندڙ برک شاعر، ليکڪ شري نامديو تارا چنداڻي بہ بانٽوا ۾ اِندر ڀوڄواڻيءَ جو اسڪولي شاگرد هو. هُن اِندرديو جو انٽرويو پڻ ورتو هو. ("ديوُ" اِندر ڀوڄواڻيءَ جو تخلص هو پر هُن، ان کي هليءَ چنيءَ ۾ نہ آندو.)

---

1. ريسرچ اسڪالر ۽ ليکڪ، ڀارت

اِندر پوڄواڻيءَ جا ڪل 5 ڪتاب شايع ٿيل آهن: 1. ’پرهه باکون ڪييون‘ (1962)، 2. ’بجليون ٿيو برسن‘ (1970)، 3. ’علم عروض‘ گجرات سرڪار طرفان انعام حاصل ڪيل - (1981)، 4. تاثرات (شعرن جو مجموعو - گجرات ساهت اڪاڊمي انعام يافته ڪتابُ ۽ 5. فن - اي - شاعري (سنڌي ڪاويه شاستر - 1984، سي. ايچ. ڊي. طرفان انعام حاصل ڪيل آهن.

ترجما : 1. ”نانا“، انگريزي مونوگراف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو 2. شري اِندر پوڄواڻيءَ جا چونڊ شعر گجراتيءَ ۾ ترجمو ڪيل آهن.

پرهه باکون ڪييون، بجليون ٿيو برسن، سوويت لئنڊ طرفان نهرو امن اوارڊ، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا بمبئي طرفان ساهتيه شيوائن جو قدر ڪندي انعام (اُن وقت جو 5 هزار انعام) هن جو هڪ وڏو فخر مند انعام سنمان: اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت سڀا، ممبئيءَ طرفان، (راجڪوٽ) پوج سنڌي پئنچايت (اکل ڀارت) فيڊريشن طرفان ڀانوشالي مهاجن سرووو، جيتپور طرفان ڀاڳيشالي نئين پيڙهيءَ جي گجرات ڪوين جي سنسٿا، پوربندر طرفان، گجرات سنڌي اڪاڊمي طرفان بهترين بزرگ ساهتيڪار سنمان (گؤرو پُرسڪار) (1987) ڀارهن هزار روڪ، سنمان پتر، دائمي يادگار سوکڙي.

شاعر شري اِندر پوڄواڻيءَ ڀارت جي برک ۽ اعليٰ شاعرن ۾ شماريو ويو آهي. هن صاحب پنهنجي شاعري ”ستيم شوَم سندرم“ واري اصول کي اڳيان رکي رچي آهي، انکري سندس شاعريءَ ۾ سادگي، سچائي ۽ سندرتا ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. اِندر شاعريءَ جا الڳ الڳ موضوع ڪٺي ڪوتائن ۾ پنّتا ۽ نواڻ جي سُڳنڌ اوتي آهي ۽ النڪارُ تشبيهه ۽ استعاري جو استعمال خوبيءَ سان ڪيو آهي ڪيس سندس ٻوليءَ تي مڪمل دسترس هو ۽ خيالن جي ترجماني پڻ نهايت ڏاتوَ سان ڪيل آهي. جڏهن اِندر پوڄواڻيءَ، سنڌ ڇڏي هند ۾ ٽائيڪو ٿيو تڏهن شرڻارٿي دؤر ۾ بين ڪوين جيان هن جي شاعريءَ ڇيڇڻ تي ڪميونسٽ ويچار ڌارا صاف ۽ چٽي ڏسڻ ۾ آئي پر ته به هن جي لکڻ موجب، ”هوُ نقلي يعني پراوا ويچار جهٽي يا چورائي لکندڙ شاعر ناهي، پر هي اصلي ڪوي آهي، باهه ۽ پاڻيءَ جو انوکو ميل آهي. اُمنگن جو آبشار آهي. سندس ڪوتا صرف لفظن جي راند ناهي پر، اِندر جو اُپرڪو آهي. سندس شاعريءَ ۾ برساتي رم جهم به آهي ته روح جا وراڪا به آهن.“ (1)

اِندر پوڄواڻيءَ شاعريءَ جي ڪتابن ۾ شاعريءَ جي الڳ الڳ فارمن تي ڪوتائون لکيون آهن، جن ۾ غزل، گيت، نظم، ڏوهيڙا، قطعا، آزاد نظم، پنجڪڙا، دوها، سورٺا وغيره

اڃي وڃن ٿا، پر هن جيڪا شهرت حاصل ڪئي سا هڪ سٽ جي ڪوتا تنها سان ڪئي، ڪي مثال:

(1) "مان ڪاٺڙ دنيا باقي مان."

(2) "روي خواه ڪوي پرڻ ٻنهي لاءِ لازمي."

(3) "مگر جي پُٺ تي ڪُڪ سوار."

(4) "اُپ جي سليٽ تي پکين کان ساڳيو سبق."

(5) "ڪائي ماڻهو ماس، مساڻ آ، بيهوش پيو."

(6) "اُپاميل ڪي سرڳ نالي جي بڪ آرپيو."

پروفيسر نامديو تاراچنداڻيءَ جي 4 جنوري 1981 تي بانٹوا ۾ اِندر پوڄواڻيءَ جي گهر ورتل انٽرويو ملاقات جو تاثر ڇاڻائيندي نامديو لکيو آهي تہ:

"خاصي پنجڪڙي مان دوهي جهڙي ٽي ويل سوڪيم ڪويءَ جي تڪين اکين تي تنهي جهڙي سنهڙي ڪمان واري نرم چشمي اِندر پيل نئين ڪوتا جهڙي ڪمپائونڊر نمبر جي ڪاچن تي هڪ نظر : قريب قريب سدائين وسارجندڙ ڪوي اِندر جي دڪايل ڪان ورتل انٽرويو پڙهڻ تي مونکي سجهيل هن ويچار جي ياد. اِندر پوڄواڻيءَ ڏنل انٽرويو ۾ خود قبوليو آهي تہ.

"منهنجي پهرين رچنا عشقيہ هئي جيڪا مون 14 سالن جي عمر ۾ لکي هئي جنهن جي مطالع جون مصرعون هن ريت هيون:

"دنيا ۾ تنهنجو حسن لاجواب آهہ، مٺا،
نہ ثاني ماهتاب، آفتاب آهہ، مٺا."

اِندر پوڄواڻيءَ جو چوڻ آهي تہ:

"شعر ۾ (خود نئين ڪوتا ۾) علامتون، تمثيلون، استعاره يا بالتصريح، انيوڪتي وغيره ڪم آڻڻ هڪ خوبي مڃي وڃي ٿي. اهي فني اشاريتون، مفهوم کي لڪائڻ جون ڪوششون ڪين آهن. ويتر فني اشاريت (تمثيل) جي بدولت اُن ۾ غضب جو زور ۽ اثر پيدا ٿئي ٿو جيڪو سڌي اظهار دواران پيدا نٿو ٿئي. ان ڳالهہ جي سچائي اِندر پوڄواڻيءَ بر کہ ڪوي اديب واسديو موهيءَ جي ڪوتا "غلامي" جو ذڪر ڪيو آهي.

"سلطان حقو گڙگڙائي پيو / "مياؤن مياؤن" پروليون / "ڪڪڙ" چٿي پچي پيو / هر ڪو مڃي پيو / مچٺوئي آهي."

اِندر صاحب خود اهو بہ قبوليو آهي تہ،

پهرين عشقيہ شاعري، پوءِ قومي، بعد ۾ سنڌ بابت. سنڌ ۾ ڏيتي ليتيءَ تي مون گهڻو لکيو ۽ زندگيءَ جي بيشمار حالتن تي پڻ. "(2)

اِندر تي صبر، درد، اقبال، مرزا غالب، اڪبر شڪيل، جگر ۽ فراق جو اثر آهي. خاص طور تي اقبال، غالب، جون بنگال جي قطرل ۽ اسلام جو بہ سنڌ جي شاعرن ۾ اِندر کي سڀ کان وڌيڪ "شيخ اياز" وڻندو آهي ۽ نئين ڪوتا ۾ واسديو موهي.

جناب اِندر جي پيارن، وڻندڙ بهترين ڪوين جو وچور هن ريت آهي:

شيخ اياز، شاهہ لطيف، سچل، نارايڻ شيام، هري دلگير، ڪرشن راهي، ارجن حاسد، هريش واسواڻي، واسديو موهي. انهن کان علاوه ٻيا بہ بهتر ڪوي آهن.

اِندر ڀوڄواڻيءَ جي شعري ڪتاب "بجيلون ٽيون برسن" ۾ مُها ڳہ طور ڪليل مواد ۾ هڪ هنڌ پروفيسر هريش واسواڻي لکي ٿو:

"استري ۽ پُرش جي رشتن جي مڌرتا کي اِندر هڪ "شڪتي" جي روپ ۾ سويڪار ڪيو آهي. ان ۾ ڪٿي بہ هوائي، "آهہ اوهہ" ڪانهي. عورت جي ساٿ کي "نمر جي ڇانوَ" جهڙي رَسُ - ڀنل تشبيهہ ڏيندڙ اندر، رومانَ جي معاملي ۾، پنهنجي جند سنڌي شاعريءَ جي لجلجاهٽ کان آزاد ڪري ورتي آهي. اها خود ۾ ڪا ننڍي ڳالهہ ناهي ۽ اُها ئي چيز کيس پنهنجي همصر شاعرن کان الڳہ ڪري ٿي بيهاري " (3)

"بجليون ٽيو برسن" شعري ڪتاب مان اِندر ديوَ جي دوهن، سورٺن ۽ پنجڪڙي جا مثال پيش ڪرڻ واجب لڳي ٿو:

جرڪي مرڪي چنڊ پڻ، خوب پڪيڙي منڊ،
نڪ جي ڦلڙي اکين کي ڏسڻ نہ ٿي ڏي چنڊ!

شاعر جي خيالن جي اُڏامر ۾ سوچ ڪيتري نہ سنجيدگي سان پُرُ سُجاڳ آهي! چنڊ جي مَنڊَ (نظاري) کي استريءَ جي نٿ ڏسڻ ۾ رڪاوٽ ٿي، اهو مفهوم سچ پچ هڪ اڻڇُهيل ٿو لڳي.

مورک من کي ٿي لڳي پرديسيءَ جي آسَ،
جيئن ڪنهن ٻُڏڙيءَ کي لڳي جوين جو احساسُ!

مورڪ جي من ۾ ٻيڙيءَ جي جوڀن جي احساسن کي عجيب نموني اُجاگر ڪرڻ جو فن سچ پچ ساراهه جوڳو آهي.

هاڻ پنجڪڙو پيش آهي:

اسين سَڏ سان سَڏ ڏينداسين،
سڏي ڪو دشمن اوکيءَ ۾،
اگر هٿ هوندو ٽالهيءَ ۾،
گرهه اُتي ڇڏينداسين،
اسين سَڏ ۾ سَڏ ڏينداسين.

هِنَ پنجڪڙي جي خوبي اها آهي ته شاعر، دشمن کي مصيبت ۾ ڦاٿل هئڻ جو سما چار ٻڌي، ڪاڏي ڪائيندي، گراهي اڏ م ڇڏي اُن کي مدد ڪرڻ لاءِ پهچي ٿو. اهڙي بي مثال اُدارتا مُشڪل ڪنهن ٻئي شاعر ڏيکاري هوندي! شعرن جا مثال:

اندر ۾ ماتم، چِپن تي مُرڪون،
خزان ۾ پڻ هيءَ بهار، وهه وا!

شاعرن جي من اندر پل پيڙا ايذاءُ ڏيندي هجي، پر ظاهري طور عوام جي وچ ۾ رهندي چپن تي مُرڪ رکي هلندڙ شاعر ٻيو ڪوئي نه، پر اِندر پوچواڻي ئي هو. شاعر، ماڻهن کي رنگبرنگي ڪوني ٿو ۽ پاڻ کي اُن رنگيني ۾ اڪيلو ۽ بي آرام ٿو سمجهي:

رنگبرنگي ماڻهن وچ ۾
"اندر" اڪيلو بي آرام!

هتي پنهنجي نالي کي تخلص بڻائي، اِندرپوچواڻيءَ هن غزل جي بند ۾ رنگبرنگي ماڻهن جي وچ ۾ پاڻ کي اڪيلو ۽ بي آرام سمجهي ٿو يعني دنيا جي رنگيني به هن شاعر جي غمگيني دور ڪرڻ ۾ ناڪامياب رهي آهي.

ٽُٽل دل، جُهريل جيءُ، خانو خراب،
اهي "اِندر" پنهنجن جون آهن پلايون!

حقيقت ۾ شري اِندر پوچواڻي شاريرڪ نموني ضعيف ۽ ڏُبرو هو پر آتمڪ بل منجهس جيئن جو تيئن پريل هو انڪري ته هوُ ساهت ڪيتر ۾ ساهسي سپاهي طور ظاهر ٿيو بس هلندو رهڻ سندس زندگيءَ جو عقيدو رهيو. "تاثرات" ڪتاب جي گيتن جا مثال:

مايا گهوري، جا تڙڦائي،
جيءَ جا جانب دؤر هٽائي!
منهنجو ڀاڳ تون ئي پريتم!
اچ او جيءَ جيئارا!
اچ اچ او او وڻجارا!

هن جڳهہ ۾ انسان وڻجارو بڻجي آيو آهي، شايد انڪري پنهنجي پريتم کي ”جيءَ جيئارو“ ۽ وڻجارو ڪوٺيندي مخاطب ٿيو آهي.

”اِندر“ جي شاعريءَ ۾ رومانَ جا مثال بہ ملن ٿا.

آچُ او سرها ساجن هاڻ،
تن من تڙڦن تنهنجي ڪاڻ!
تو بِن ساڙي ٿي چانڊوڪي،
توسان اوندهہ پڻ چانڊاڻ!

اِندر پوڄواڻيءَ جي مٿئين گيت ۾ ساجن کي سرهو ڪوٺڻ ۽ اُن بن چانڊوڪي بہ ساڙي ٿي، اهو خيال، نئين مفهوم طور ثابت ٿيو آهي!

”تاثرات“ ۾ اِندر صاحب جا هائڪو بہ آهن تہ قطعا پڻ. پهرين بہ هائڪو:

چَپَ تہ هٿا چپ چاپ،
گيت مُڌر گونجي ويو
اکين ڪيو آلاپ!
اکين ڪيو آلاپ، هن هائڪو جي نواڻ آهي!

شاعر جي شفي نظر، سُکہ ۽ ڏکہ لاءِ، ذڪر لائق آهي:

خزان هجي يا بهار،
پنهنجي لاءِ سرهاڻو نت نت،
”اِندر“ اگر آ دل ۾ پيار.

هاڻي هڪ قطعو:

هيءَ ويڳاڻي شام،
ساڻي ساڻي شام،
ڪوهياري ڳاڻي پئي
سُورن هاڻي شام!

شام ڪي ويڳاڻي ساڻي ۽ سؤرن - هاڻي ڪوٺيو ويو آهي، جا جڻ "ڪوهياري" گيت پڙهي ڳائي! جا تہ خيال جي اُڏام آهي!

"ڏوهيڙو" ڪوتا جو هڪ مثال:

ڌُٽ، ڍونئرن تان اي عمر! تنهنجا طعام قربان،
پلي ٻُڪ پرم جي، شالَ مَر وڃي شان،
سُکن - سوادن ڪاڻ، سَٽُ نہ ڇڏيندس سومرا!

عمر جي قيد ۾ مارئي آهي ۽ ڪيس ڪاڻڻ لاءِ راجا عمر طرحين طرحين جا طعام موڪلي ٿو پر اُهي "ٿوُ ڪتا" ڪري پنهنجي ملير جي ڌُٽ ۽ ڍونئرن کي ياد ڪري ٿي، اها ملڪي محبت آهي.

"نيڻ عجب فنڪار" عنوان واري مثنويءَ جا ٻہ مثال:

گهاگهر ۾ ساگر پرين، نيڻ عجب عنڪار،
ڇَپ چورين ٿا هڪ دفعو ڇيو وڃن اشعارا!

محب جي مخاطب ٿي شاعر جو ائين چوڻ ڪيئن ٿو لڳي؟

ڀڳت ڪنوررام کي ياد ڪرڻ جو طريقو ڏسو شاعر ڪيئن اپنايو آهي:

نيڻ نماڻا لج پريا، تنهنجا منڙا ميت!
مهين نِتِ نخري بنا، جيئن ڪنور جا گيت!

ڌيان طلب آهي تہ "رچنا" مخزن جي ايڊيٽر لکمي کلاڻي اِندر ڀوڄواڻيءَ جي شاعراڻي شخصيت کان متاثر ٿي شري اِندر ڀوڄواڻيءَ جو فوٽو ڇپيو هو جنهن جي هيٺان سندس شعر جون ٻہ مصرائون پڻ ڏنيون هيون، جي سچ پچ بي مثل لاجواب آهن:

مان تہ رولوُ هان پتو ڪهڙو لکان!
ٻيءَ گهڙيءَ هوندس ڪٿي ڪنهن کان پُڇان؟

اِندر جي غزلن ۾ سوچ جو جنم پارتي پوميءَ تي، سنڌي وايومنڊل ۾ ٿي ٿيو آهي ان ڳالهہ کي واضع ڪندڙ اِندر صاحب جي غزل جون هيٺ ٻہ مصرائون، اُن جو ثبوت آهن:

مُرڪندي جَلُ ڏنہ ٿي تلسي کي،
هت اسان تازهہ تر ٿي پياسين.

سنڌي گهرن ۾ تلسيءَ کي پاڻي ڏيڻ روايت آهي، ان جو خيال رکي مٿيون ٻہ سٽون سولي، سادي ۽ سُپڪ ٻوليءَ ۾ لکيون ويون آهن، جيڪي سنڌيت جو هڳاءُ ڏين ٿيون. انهن

ٻنهي سٽن ۾ هڪٻئي سان ربط يعني ميلاپ آهي. انڪري چوڻ ۽ ٻڌڻ ۾ چڱو لطف ڏين ٿيون. سنڌ جي ياد توڙي سنڌ لاءِ سڪ فقط اِندر جي ڪوتائن ۾ ئي ذڪر ۽ فڪر اڪثر ڏسڻ لاءِ مليو آهي. اِندر جا دوها، سورٺا، غزل، گيت، پنجڪڙا، هائيڪو رُباعي پڻ ڪافي انداز ۾ لکيون ۽ اثرائتي نموني لکيون. سندس قلم مان جيڪي بہ ڪوتائون نڪري نروار ٿيو آهن، اُهي علم عروض ۽ ڇند وديا جي اصولن تي ٻڌل آهن ۽ اُنهن ۾ ٻولي سرل، سپڪ ۽ عام خواه خاص اديبن، پاٺڪن ۽ عام ماڻهن کي پڙهڻ لاءِ ازخود نوتو ڏين ٿيون. هن جي ڪوتائن ۾ سنڌ جي ياد ۽ سنڌ لاءِ جيڪي اُڪير سندا ويچار آهن سي مشڪل سان ڪنهن شاعرن ۾ پڙهڻ لاءِ ملن ـ مثال:

وڙهي وينا پاڻ ۾، سنڌي ٿيا انڌا،
ٽِن انڌن جي ماءُ جو واهي نہ ٿيو الا،
سنڌي ڀهاڪا، ڪوڙا ٿيا سنڌ لاءِ!

شري هري دلگير کي، هِن سادگيءَ جي صاحب "اِندر" جي شاعريءَ ڪافي متاثر ڪيو ۽ هڪ خاص ليک ۾ هن جي شاعريءَ جون خوبيون، ادبي حلقن ۾ آڻي پڌري پٽ ڪيون اِندر جي غزل جي هڪ بند ڏانهن دلگير صاحب ڌيان ڇڪائيندي غزل پڻ ڏنو آهي:

هميشهہ جي لاءِ جوڳ مون کي ڏنائون،
۽ سارنگُ، هنڊول، ديپڪ کٽي ويا. (4)

هن غزلي شعر ۾اندر گهڻمرادي عناصرن کي نمودار ڪيو آهي.
شاعر هتي، قابليت جي چوٽيءَ کي ڇُهي ٿو ڇو جو هنن مصرائن ۾ راڳڻين جا نالا بہ آندا آهن ۽ جوڳ جو اُپيوگ پڻ ڪيو آهي، جنهن جون بہ معنائون نڪرن ٿيو (1) جوڳ - جوڳيٽو (2) جوڳُ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، ٻنهي سٽن ۾ ربط بہ قائم رکيو اٿائين.

هن ڪويءَ جيڪي تشبيهون استعمال ڪيون آهن، سي سڀ ڪان ڀن آهن ۽ غزل ۾ جان ڦوڪڻ جو ڪم ڪن ٿيون. مثال:

لُڏڻ دل ٻٽي ڀيئي، جي روح وِڏوا،
ڀِڄ "اِندر" چوڙين کي دل جا ڏٽي ويا!

هتي بہ وِڌوا ۽ چوڙين جي ڀيڄڻ وارو خيال، ٻن سٽن ۾ اهڙي نموني ڪتب آندو ويو آهي جو اُنهن جو ربط بلڪل دورانديشيءَ کي اظهاري ٿو.

ساٿُ ڏيندينءَ تہ راڄ پنهنجو آ،
توڙي دشمن ڪا، ڪيڪئي هوندي

نہ صرف ايترو پر، اِندر پوڄواڻيءَ شاهہ عبداللطيف جي تمثيلي لوڪ ڪٿا کي بہ پيش ڪيو آهي، جن جو ذڪر ـ فڪر عوام کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

دودو ڏوڙ چنيسر ڇائي،
ائين ڇٽي ٻيڙي ٻاڻ هٽي وئي.
هيمون ۽ هوشو پارن ۾،
"اِندر" نراشا ڪٿان اچي وئي؟
"جيئي سنڌ" جا نعرا گونجيا،
هوا ڇهي وئي، گيت ڏئي وئي!
يا
سُڌري ويندا، جي سؤ عمر هوندا،
تنهنجي مَن ۾ جي مارئي هوندي.

مٿين شعرن جي ٻوليءَ ۾ هتي، سلاست جو اصول اپنائي انهن کي سؤلو سپڪ ۽ سوادي روپ ڏنو ويو آهي ۽ ڀاشا پڻ سليس آهي جا، پڙهڻ ۾ ڪابہ اٽڪ محسوس نٿي ٿئي. ان لاءِ ڪي غزلي مثال پيش ڪيان ٿو:

مان جي ڪجهہ ناهيان تہ پوءِ مونکان لڪڻ جو مطلب؟
اي لڪڻ وارا لڪي، مون کي ڏسڻ جو مطلب؟
مان ٿي بدڪار سهي، مان ٿي گنهگار مگر،
تنهنجو هئڻ پيار سان ڏرتيءَ ڏي تڪڻ جو مطلب؟
منهنجي اکہ تو ڏي نهارڻ جي اگر قابل ناهہ،
منهنجي سامهون پلا سينگار ڪرڻ جو مطلب؟

مٿين غزلي بندن ۾ خيالن جي خاص نواڻ پريل آهي تہ ٻولي بہ پياري ۽ ميٺاج پري آهي. مٿين شعرن ۾ محبوب پنهنجي محبوبا سان سڪ ۽ محبت سان ڳالهائي رهيو آهي، ڪيترو نہ سليس پر اوُچو خيال! هيءَ غزلي شعر جڻ نثري لحظي ۾ مبلوُس پيا لڳن. هيٺ جيڪو شعر ڏجي ٿو اُن ۾ نج سنڌي ماحول جو هڳاءُ اچي ٿو.

نہ ڪر ظلم ڪانگل، ڇڏي ڏي لِنوڻ،
پلا ڪير ايندو اپاڳي اڱڻ؟

عام طرح ڪانوَ جي لنوڻ يعني ”ڪان ڪان“ کي، مزمان جي آمد جو اشارو سمجهيو ويندو آهي، انڪري ڪانگل کي ”نہ لنوڻ“ لاءِ چويو ٿو جنهن جو سبب اِندر، اهو ڏنو آهي، هن (يعني شاعر) اياڻي جي گهر ڪير ايندو؟ شايد ان سبب ئي هن غريب جي غربت جو نقش چٽو چٽيو آهي:

چُوڙيون گرويءَ واسطي ڏيندي، لڙيس لُڙڪ،
وياج خور جي چپن تي ٻوڙي آئي مُرڪ!

چا تہ مجبوريءَ جي عڪاسي آهي ڪنهن عوَرت جون چُوڙيون گروي رکندي، لُڙڪ لڙڻ ۽ وياج خورن جي چپن تي خوشيءَ سبب مُرڪ اچڻ جو ذڪر نهايت فنائتو آهي. سوارٿ جهڙي اوگڻ جي اوگهڙ راماڻ جو حوالو ڏئي اِندر غضب سندي ڪئي اهي:

رامُ رُليو دسرٿ مئو جنتا ٿي حيران،
سيتا راوڻ قيد ڪئي، سوارٿ جا احسان!

مذهبي ڪٽرپڻي جو اظهار بہ سچ پچ ساراهہ جوڳو آهي:

دين ڌرم جي نالي تي ڪُسجن پيا انسان،
خدا تہ خوش آ، عرش تي، ساگر ۾ ڀڳوان!

اِندر جي شاعريءَ جون انيڪ خوبيون آهن، جن لاءِ هريش واسواڻي لکي ٿو:

”اِندر جي ڪوتائن ۾ لوڪ جيون جو هڪ گهرو سنسار آهي. هوُ وڏ ۾ وڏ اڄ جي سراپيل ماڻهوءَ سان راپيل آهي. عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي جيئندي ۽ ڀوڳيندي، هن زندگيءَ جي معمولي ڪنڊن کي سپرش ڪيو آهي ۽ ڏوڙ لپٽيل زندگيءَ کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. لوڪ جيون جي ان نزديڪيءَ سندس اظهار کي پڻ سڀاجهو بڻايو آهي.ٻولي ۽ لفظن جي چونڊ کي اِندر ڄاڻي ٻُجهي ساهتيڪ بڻجڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي، انڪري ڪن هنڌن تي شبد ۽ وستوءَ جي هڪ اهڙي ايڪتا اِندر جي ڪوتائن ۾ اچي سگهي آهي، جن کي وڏيڪ خيالن ۾ پيچڻ ممڪن نٿو رهي.

اِندر جي ڪويتائن جي خاص خوبي آهي: اِندر جو سنڌ لاءِ صدق. اِندر جي سموري ڪويتائن تي اِندر کي بازارو ٻولي ڪتب آڻڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي، اها ڳالهہ روايتي نقاد تي ڪهڙو اثر ڪندي، تنهنجو خيال نہ ڪري هريش، ان کي اِندر جي همٿ ۽ جدت ڏانهن جهڪاءُ جو نتيجو ڪري ليکيو آهي... ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ وڪويتا لکڻ خود ۾ هڪ Deliberate اوستا آهي، جيڪا رسمي ۽ پراڻ هيڻ ٻوليءَ کي نئون موڙ ڏئي ٿي. هريش جي ڄاڻائڻ موجب، هنديءَ ۾ آهڙي اوستا جي شروعات ڪوي ”نرالا“ ڪئي هئي،

جنهن کي اڳتي هلي، ٻوليءَ نسبت جدت جو لازمي معصول (Concerption) ڪري ڳڻيو ويو. هريش واسواڻيءَ کي ڊاڪٽر لوهيا جا لفظ پڻ ياد اچن ٿا جي آهن. "بازاري ٻولي ئي سچي ايماندار ٻولي ٿيندي آهي." ان سلسلي ۾ هريش، اِندر جي لکيل ڪويتائن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي سندس بہ مصرائون هن ريت ڏنيون آهن:

"رَنِ سياست بد حال آهي ... شل منهنجون ڪجئي ملڪ مان." هنن سٽن مان سياست جي غلاظت جنهن پُر زور نموني نمودار ٿي آهي، اُها ساراهہ جي مستحق آهي." (5)

اِندر جي ڪوتائن جي اها بہ خوبي آهي تہ اِندر "عوام جو ڪوي آهي" ۽ ٻوليءَ ۾ Vigour عوام جي محبت سان پيدا ٿيندو آهي."

مون اڳيئي ڄاڻايو آهي تہ اِندر پوڄواڻي "تنها" هڪ سٽ جي ڪويتا جو باني آهي، خود هريش واسواڻيءَ بہ ان ڳالهہ کي مڃيو آهي تہ "تنها" لکندڙ ڪوي اِندر پهريون ۽ اڪيلو آهي. هريش واسواڻيءَ ان کي پريو کہ شيلتا ڏانهن لاڙو ڪري ڪوٺيو آهي. نقادي نظر رکندڙ اديب هريش واسواڻيءَ اِندر جي "تنها" ڪويتا جي ساراهہ جي باوجود "تنها" ڪويتائن جي ڪلپنا هوُ پٿرن وانگر ڪري ٿو جيڪي پاڻيءَ ۾ اُڇلائجن. جيڪي پاڻيءَ جو انداز چيرين ۽ سطح تي هلچل گڏ ڪن. نہ ڪ اُنهن پٿرن وانگر. جيڪي زمين تي اُڇلائجن جي وٺندڙ يا اٿوٽندڙ آواز ڪري شانت ٿي وڃن.

پروفيسر هريش واسواڻيءَ جو اِندر پوڄواڻيءَ لاءِ هيئنئن چوڻ مونکي بلڪل واجب لڳي ٿو: "ڪاميابي، ناڪاميابيءَ کان پري، سڀ کان ملهائتي اِندر جي احساس پوميءَ ۾ آيل اُها Shift آهي، جيڪا ڪيس سطحي جذباتي، ڪورن بيانن ۽ پرچار جي بوءِ کان الڳہ ڪري، هڪ پوڳيندڙ هڪ Sufferer، هڪ مفڪر جي روپ ۾ اسٿاپت ٿي ڪري، سندس تنهائن ۾ جيڪا طنز ترڇي ۽ Wit آهي سا ماحول جي ڪوڪليپٽي جي گهري محسوسات ۽ آتم پيڙا جي ڳاريندڙ احساس کان سواءِ پيدا نٿي ٿي سگهي. "تنها" صاف صاف اسوڪرتيءَ (Rejection) ڏانهن مائل آهن.

سدا حيات برک اديب جناب اي - جي - اُتم اِندر پوڄواڻيءَ جي شاعريءَ بابت ڄاڻايو آهي تہ

"اِندر پوڄواڻيءَ جيترو ئي دير سان شاعريءَ جي ميدان ۾ پير ڌريو آهي اوترو ئي تيزيءَ سان وک وڌائي اچي پنهنجي همعصر شاعرن جي اول صف ۾ شامل ٿيو آهي. اِندر جا شعر پهرين پهرين "نئين دنيا" ۾ شايع ٿيا هئا. نئين روشني (ترقي پسند) ڌارا عقل پسنديءَ جي علمبردار آهي. لوٽ کسوٽ ۽ ظلم جي دشمن آهي، خوشحال زندگيءَ لاءِ لڙندڙ آهي،

صحتمند جذبن ۽ نون قدرن جي ترجمان آهي ۽ اعليٰ روايتن جي رکيک آهي. "اِندر" جي شعرن ۾ اُن ڏارا جوئي عڪس ملي ٿو. هر سٺي ڪويءَ وانگر اِندر ڪي پنهنجي نقط نگاهه آهي. اِندر جي ڪوتا جڳ جي جيوت جو چِتر آهي. اِندر جي ٻولي جت سچ جهڙي صاف آهي. اُتي ورجيسن، تشبيهن ۽ استعارن جي ستارن سان بہ سينگاريل آهي.(6)

**اِندر جي شاعريءَ ۾ قدرت جو چِٽ**

ندي‌ءَ کي پياس تہ ڪيڏي آهہ!
وچي ٿي ڀڄندي تيزيءَ ساڻ،
وڃيو ساگر ۾ اُڇلي پاڻ،
وڃائي جان تہ گهٽجي باهہ!
نديءَ کي پياس ڪيڏي آهہ!

نديءَ جي وهڪري کي ساگر ڏانهن ڊوڙندو ڏسي ڪوي اِندر ڀوڄواڻيءَ مٿئين پنجڪڙي کي وجود ۾ آندو آهي ۽ سمندر جي بيشمار لهرن جو چِتر چٽيو ويو آهي. جنهن جي اڇڻ - وڃڻ جو راز نرالو ڀاسي ٿو ڇو جو اُهي بنا ساهي پٽڻ جي سمندر ۾ وڃي پاڻ کي اُڇلين ٿيو ۽ پنهنجي پياس جي باهہ وسائين ٿيون.

ساونڻ ۽ برسات ۾ ڪوي اِندرڀوڄواڻيءَ کي پنهنجي پريتم جي جواني ٿي ستائي، تنهنجو پُر اثر بيان هيٺئين ڪوتا ۾ ڪيو ويو آهي:

"ساڙي ساڙي ويئي بهاري،
آئي ويرڻ گهٽا هچاري،
ساجن ڏاران ساونڻ ڪهڙا؟
ساڙين ٿا وسڪارا، اچ اچ او وڻجار."

مٿين سٽن ۾ محبوب جي جدائي ڪيس ساڙيندڙ لڳي ٿي ۽ اُپ جي گهٽا (ڪڪر) هچارو ڪونڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. وڻجارن جي مخاطب ٿي ڪوي مٿيون مصراعون چيون آهن، جن کي جلد موٽي اچڻ جي التجا ڪئي ويئي آهي.

**اِندر ۾ مشاهدي ماڻن جي قوّت**

اِندر ڀوڄواڻيءَ جي شاعريءَ ۾ مشاهدي ماڻڻ جي قوّت وڏيڪ آهي، جنهن ڪري سندس ڪلام پڪو پختو دلڪش، دلفريب اوُچ ۽ اعليٰ آهي.

اندر حسن ۽ عشق جو ورنن نهايت خوبصورتيءَ سان ڪيو آهي:

ٿيُ ڏاڻي پيو ٻار، خود ٻه گرهه ڳهندي وڃي،
پورهئي لاءِ تيار، ائين ٿين ٿيون زندگيون.
هٿ هٿا مهينديءَ رتا، ڏوڙ ڀريل حسين،
جي ٿا پالين زندگيون، هوُ ٿا رنگ ڀرين.

مهينديءَ رتا هٿ ته حسين ٿين ٿا پر ڏوڙ سان ڀريل هٿڙا ٻه ٻلي ٻلي!

اِندر جو جمالي شعر:

اِندر جو گهڻو تڻو جمالي شعر دوهن جي صنف ۾ ملي ٿو.

اکڙيون اکڙين سان مليون، پاتو اکين سهاڳ،
لڙڪن جا موتي مليا کُليو اکين جو ڀاڳ!
گاهه لُٽي ۽ گيت ڇٽي ڇوڙيون جهنڪار"
محنت سونهن ڪلا منجهان، پلٽيو پوي خمار!

سونهن سان گڏ محنت ۽ ڪلا منجهان الوڪ آنند ماڻڻ نمودار آهي. ڪير وڪڻندڙ عورت جي حسن جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

ڪير ڀري جيئن نار، آنچل ڇاتيءَ تا هٽي،
چنچل اکيون هزار، آنچل پڙ چنچل ٿيو!

اِندر پوجواڻيءَ بادلن جي نظارن ڪي وري هن ريت بيان هيٺ آندو آهي:

گهن نن گهن نن بادل گرجن،
رمجهم رمجهم بوندون برسن!

قدرتي سونهن جي ٻه ساراهه اِندر پوجواڻيءَ دل سان ڪئي آهي: مند مطابق چوماسي ۾ برسات ڪي ڏسي اِندر چيو:

اُپ مان نڪرن ٿا ڦوهارا،
وهن نديون نالا، نيارا،
بر بستيون چانديءَ جان چمڪن!

برساتي مُند ۾ هاري ۽ عوام بيحد خوش نظر ايندا آهن ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ڪويءَ هن ريت ذڪر ڪيو آهي:

هاري خوش آ، سرهي جنتا،
هاڻ ڏڪر جي ڪهڙي چنتا؟
هاڻ جام ڦل ڦول، جهجهو اَن.

ڪِنِ غزلن ۾ اندر هڪ انقلابي شاعر طور نعرا هڻندي نظر اچي ٿو ۽ اُنهن ۾ به شاعراڻيون خوبيون ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون.

پيڙيءَ ۾ ويهي پار وڃڻ کھڙو ڪمال آ،
پيڙيءَ ۾ ته پٿر به وڃي پار رَسن ٿا!
اُت دوستا گھڙون بحر ۾، اُت موتي سڏين ٿا،
ساحل تي متيءَ جا ٿي ته مڻ مُنهن ۾ پون ٿا!
ساٿين نه ڏنو ساٿ ته ساهس ته آ ساٿي،
آ شوق وفادار، لنگھي هلبو لڪن مان،
آيا جي لُٽيرا ته خوشيءَ سان ڪبي ڏي - وٺ،
رهزن به ڪندا ياد ته ڪم پيو هو بلا سان!

ڏيان طلب آهي ته اِندر پوڄواڻي پنهنجي ڪن غزلن ۾ همدرد انسان بڻجي پنهنجي انسانيت جو اظهار پڻ اثرائتي نموني ڪيو آهي.

پيا جي هجن دکي ته بهارن کي ڇا ڪريان!
ساٿين بنا مان ناچ تماشن کي ڇا ڪريان!
پاٽر ٻُکيا اُداس ڏسان ٿو وطن ۾ ڪئين،
هن شوڪ - گھر ۾ ٻوڙ پلاون کي ڇا ڪريان؟

جيتوڻيڪ انقلابي شاعر طور اِندر پوڄواڻي غزلن ۾ ظاهر ٿيو آهي ته نظمن ۾ سندس انقلابي نعرا نهايت زوردار نموني بلند ٿيل آهن:

جلائي سارو گند اڄ وري سجائبو وطن،
اسين اچون ٿا ظالمن جي موت جو ڪٽي سمن!
هلون سدائين ڏوڪيندا، وٺي هلون سماج کي،
مجال ڪنهن جي آهه بجلين کي ڪو جهلي سگھي.

جيتوڻيڪ اِندر جا غزل ۽ نظم اثرائتا آهن. پر اُنهن کان به وڌيڪ هوُ صاحب دوهن ۽ سورٺن ۾ ڪافي اُپري بيٺو آهي، اُن جو ڪارڻ آهي اُمنگن جي اُڇل ۽ احساسن جون دلڪش تصويرون. ورهاڱي جي درد جيڪو اِندر پوڄواڻيءَ کي زخم پهچايو آهي، سو تمام گھرو آهي، ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ نيتائن ۽ سنتن کي طنز هڻندي پنهنجي وطن کان جدائي غم کي اظهارڻ جو ڏانءُ ٻين کان نرالو آهي:

وري بہ ڀڳت ڪنوررام کي داد ڏيندي، ان دوران چوايو آهي:

سنڌ واسواڻيءَ ڇڏي، لڏيو ليلا شاهہ!
سچل، ساميءَ شاهہ، تنهي اکيون ٻوٽي ڇڏيون!
ڏوراپا ڏٺي تو ڪنور، ٻڌ ٻڌ ليلا شاهہ!
بانڪا بيپرواهہ تو ڪيئن تياڳيو سنڌ کي!

هتي ڪويءَ جي شاهہ، سچل، ساميءَ جهڙن درويشن، شاعرن تي بہ طنز ڪيل آهي تہ مٿين ٽنهي شاعرن بہ ورهاڱي کي روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي تہ پوءِ مهاڪوين جي هجڻ ۽ نہ هجڻ ۾ ڪهڙو فرق؟ دکہ جو طنزي اظهار:

"ساري اوهان کي ٿو سڙان، سامي، سچل، شاهہ،
ڇا اوهان جو آهہ، راڄ رسالن ۾ رُڳو."

ڇا تہ اخلاقي جريت آهي. اِندر پوڄواڻيءَ جي جنهن، اهڙن اعليٰ شاعرن تي طنز ڪندي ڪو ڊپ ڊاءُ نہ ڪيو! سنڌ لڏڻ وقت سنڌي مال - ملڪيتون ڇڏي، جان بچائڻ خاطر خالي هٿين اچي هند ۾ ٽانئيڪا ٿيا. پر اسان جو لوڪ ڪوي اِندر خالي هٿين سنڌ ڇڏي هند ۾ نہ آيو هو، ڪٿي آيو اموليہ ڌن اهو هو:

"نوُريءَ جي نئڙت ڪنيم، مارئيءَ جو اخلاق،
سنڌ منجهان اُمالڪ، مون آندي آ ايتري!"

سنڌ جي ورهاڱي بعد هند ۾ پڻ شاعر اِندر اهائي رَبُ کان دُعا گهرڻ لڳو تہ:

ديس منجهان ڏکجي بہ ٿا ڪريون اهائي پُڪار
سائينم سدائين ڪرين مٿان سنڌ سُڪار!
تنهنجو شان بلند رکبو سهٽي سنڌڙي،
هيمونءَ جو سوڳند، جان گهوربي سنڌ تان.
تنهنجي سيرت سنڌ، سانڍينداسين ساهہ سان،
شاهہ سندو سؤڳند، قسم نماڻي ڪنور جو.

شاهہ عبداللطيف کي ياد ڪندي اِندر پوڄواڻيءَ هيمونءَ جهڙن وطن پرست نؤجوان کي بہ نہ وساريو آهي، جنهن وطن جي آزاديءَ صدقي جان قربان ڪئي!

سنڌ سنڌيت ۽ سنڌين لاءِ ايترو فخر ڪرڻ جو مثال هئي ڪنهن ڪويءَ جو ملڻ مشڪل آهي! ايتري قدر جو جڏهن اِندر پوڄواڻي هندي ڳالهائيندو هو تہ سنڌي لفظ اچي وچڻ تي چيائين:

هندي ۾ ڳالهائيندي سنڌي اچيو وڃيم،
ڪلڻ لڳو پنڊت، تڏهن ويتر فخر ٿئيم،
پَرَ ڪي سنڌي هٿ لڳا، اُپريو گانڌي ڏام،
جِتِ نانگن جو راڄ هو اُت اڄ جئہ جئہ رام.

يعني برپٽ جهڙي گانڌيڏام کي پنهنجي محنت ۽ پرشارٿ سان سرسبز بڻايو. انڪري ئي سنڌين کي ”پُرشارٿي“ لقب مليو ۽ نہ شرنارٿي!

مِٿلا جي محلات، پارت کي سيتا ڏني،
مارئيءَ جي سوغات، ڏني سنڌ جي جهوپڙي!

جيڪڏهن هند ۾ سيتا جو جنم مِٿلا محلات ۾ ٿيو تہ مارئيءَ جو جنم جهوپڙيءَ ۾ ٿيو پر ٻنهي پنهنجي پوتر چريتر کي جان کان بہ وڌيڪ سنڀاليو ۽ انڪري ئي ٻنهي کي ڪوي اِندر پنهنجي اکين ۾ وهاريو آهي تہ چوڏس چانڊاڻ ٿي وئي رستا سڀ روشن ٿي ويا. آهڙي سڪ، صدق ۽ شرڌا ٻنهي مهان ۽ پاڪ استرين لاءِ رکڻ جو مثال شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر وٽ ملي!

اِندر ٻنهي استرين جي ڀيٽ ڪندي، مارئيءَ کي وڏو درجو ڏنو ڇو جو سيتا راڄڪماري هئي، هن راڻوڻ جي محلات کي ٺوڪاريو تہ وڏي ڳالهہ نہ ڇئبي پر مسڪين مارئي، جا ڄائي نپني ئي جهوپڙيءَ ۾، اُن ڇيو تہ محلاتن جي رُويعني ملي وڃي ملير ۾ لاهيندس.

راڄنيتي اڳواڻن سنڌين کي سنڌيپڻو وساري، الڳہ الڳہ پرانتن ۾ جذب ٿي وڃڻ جي صلاح ڏني اُنهن لاءِ اِندر چوهہ ڇڏيندي لکيو:

سنڌي نيتا سنڌين تي هڻن ٿو ڇنبي ڇوهہ،
سنڌ کي ساري ٿا ڪريو پارت سان ودوره!
خود سنڌي اڳواڻ چوي وساريو سنڌ کي،
اهڙا پڻ سنتان، لڳا سنڌ کي ڪرم ۾!

اِندر جهڙو بي باڪ ۽ بي پرواه شاعر شايد ئي ڪو ٻيو هجي جنهن اڳواڻن لاءِ اهڙي سخت ڪلامي ڪئي هجي، سوبہ تڏهن جڏهن پارت جي ورهاڱي کي اجا اٺ ڏهہ سال مس ٿيا هجن ان وقت جيڪي ڪجهہ سنڌين جي دل ۾ هيو واپريو ٿي، سو ڪوي اِندر پنهنجن دوهن سورٺن ۾ پيش ڪيو اهي. نہ صرف پيش ڪيو آهي، پر هن گونگن ساهتيڪارن کي جڻ تہ زبان ڏيئي ڇڏي ۽ سيني گڏجي اهڙن نيتائن خلاف گوڙ بکيڙو شروع ڪري ڇڏيو.

ڪوي اِندر هيٺئين سماج جي هيٺئين طبقي جو ماڻهو هو. هن پنهنجي طبقي جي ٻرندڙ مسئلن کي شدت سان محسوس ڪندي لکيو:

ڏيءَ ڏجي مِنٿون ڪجن، ڏِجين ڏن جو ڍيرُ،
تہ بہ ڦِٽ لعنت ڪن سدا هي ناتو يا ويرُ؟
قرض گهڻو ڏنڏو بہ گهٽ، ڪٿان رکجي لڄ شان!
کيلن جو هوڪو ٻُڌي ٻچا ماءُ ڏي ڀار،
نرڏن ماءُ لڪي وئي ڀي لُڙڪن جي ڏار!

شري ارجن حاسد اِندر لاءِ چوي ٿو تہ،

"اِندر جيڪي ڪجھ لکيو آهي اُن سان انصاف ڪيو آهي. پنهنجون انڀوتيون، پنهنجي ارد- گرد ماحول، ديس جون سياسي حالتون ۽ نرلڄايون هن جي شعر مان ليئا ڏيون پائين."

ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ "اِندر ڀوڄواڻيءَ جي شاعري" مقالي ۾ ڄاڻايو آهي تہ "اِندر ڀوڄواڻي هڪ پڪو- پختو ڇند ۽ علم عروض جي نيمت جو ڄاڻو اُستاد شاعر آهي. هن جي ٻولي سرل، سپڪ، مٺي، پياري ۽ عام فهم آهي. شاعري سنگيت ميہ آهي جنهن ڪري ڪيترا سنڌي گايڪ سنگيت محفلن، آڪاشواڻي، دوردرشن ڪاريہ ڪرمن ۾ پيش ڪندا پئي رهيا آهن. تز لفظن جي چونڊ، لفظ سان لفظ بيهاري، حوالي جي تقاضا موجب معنيٰ ڇڏائڻ، صادق جذبو خودداري، رومانيت، سلاست، قدرت جي دلڪشي ۽ سنڌ لاءِ اٽوٽ حب - سڪ، ساروڻي اِندر ڀوڄواڻيءَ جي شعر جون خاص خوبيون آهن. اِندر جي ڪوتا ۾ لوڪ جيون جو هڪ گهرو اثر آهي. اظهار جو ذاتي انڀو آهي." (8)

اِندر هڪ وڏو شاعر هو پر هن جو پورو قدر ڪونہ ٿي سگهيو. ڪيس دهليءَ جي ساهتيہ اڪاڊميءَ وٽان ڪو اوارڊ ڪونہ مليو جا ڏکہ جي ڳالھ آهي.

وري بہ اِندر خوشقسمت هو جو ڪيس اي- جي. اُتم (ايڊيٽر: "نئين دنيا") جهڙو اديب دوست مليو جنهن "نئين دنيا" جي معرفت هن جو نالو روشن ڪيو. اِندر جي خوشقسمتي اها هئي تہ ڪيس هيري شيوڪاڻيءَ ۽ هريش واسواڻيءَ جهڙا قابل نقاد شاگردن جي روپ ۾ مليا، جن پنهنجن ليکن جي معرفت هن کي ڪي قدر مشهور ڪيو. پر اهو ڪافي ناهي. اِندر جي اڻپوري قدر شناسيءَ جي ڪري منهنجي دل مان دانهن ٿي نڪري وڃي تہ:

"ههڙا حا جا ٿين، ٻُري هن ڀنڀور ۾."

## مددي ڪتاب:


(1) برهه باڪون ڪيڏيون (1963)

(2) بجليون ٽيو برسن (1970)

(3) تاثرات (1984)

(4) بجليون ٽيون برسن (1970) پروفيسر هريش وسواڻي مهاڳ.

(5) برهه باڪون ڪيڏيون (1963)، اُتم - مهاڳ.

(6) ادبي ليک - هري دلگير (2004)

(7) سنڌي شعر ۾ قدرت جو چٽ - ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي (2001)

(8) آزاديءَ بعد سنڌي ساهت جو اتهاس - ليلارام رُچنداڻي (1994)

(9) ساهتيه ۽ ساهتڪار - ڊاڪٽر جيتو لالواڻي (2016)

(10) سنڌي ساهتيه جو مختصر اتهاس.. ڊاڪٽر ڪنعيا لال ليکواڻي (2016)

(11) ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي شاعري ۾ سنڌيپڻي جو فنڪارانه اظهار. لڪشمڻ (2011)

(12) اِندر پوڄواڻيءَ سان ملاقات : پروفيسر نامديو تاراچنداڻي (رچنا - 49 انڪ 1996)

(13) رچنا - 49، جنوري - مارچ - 1996 - لکمي کلاڻي سمپادڪ.

(14) ادبي چمن - (2018) ڊاڪٽر جيتو لالواڻي سمپادڪ


## حوالا:


(1) رچنا - 69 اِندر پوڄواڻي انڪ پيج - 30

(2) ساڳيو پيج - 30

(3) بجليون ٽيون برسن - 1970 مهاڳ هريش واسواڻي پيج - 5

(4) رچنا - 69 اِندر پوڄواڻي پيج - 31

(5) بجليون ٽيون برسن - 1970 هريش واسواڻي مُهاڳ پيج - 11

(6) برهه باڪون ڪيڏيون - 1963 اي. جي. اُتم مُهاڳ پيج - الف

(7) رچنا - 69 اِندر پوڄواڻي انڪ پيج - 34

(8) ساهتيه ۽ ساهتيڪار - 2016 ڊاڪٽر جيتو لالواڻي پيج - 28